# چن عملن جون

# برڪتون

24-January-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# چڱن عملن جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

اسان جي شفاعت ڪرڻ واري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن هڪٻئي سان ملن ۽ هٿ ملائين ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه معاف ڪيا ويندا آهن.

(مُسۡنَدُ اَبِي يعۡلٰي،۳/۹۵،حديث:۲۹۵۱)

ڪعبے کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں دُرود طیبہ کے شمس الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ

بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٿڪڻ کان بچندَس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هي دنيا عمل ڪرڻ جي جڳھ آهِي اسان هتي جيڪو بہ عمل ڪنديون سين ان جي سزا يا جزا اسان کي آخرت ۾ ملندي، عمل چڱو هوندو تہ ان جي جزا بہ چڱي ملندي ۽ عمل برو هوندو تہ ان جو نتيجو بہ برو ئي ملندو، اڄ جي بيان ۾ اسان چڱن عملن جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌنديون سين، نيڪ عمل جي اهميت بابت بہ ڪجھ مدني گل بيان ڪيا ويندا- هن ۾ شڪ ناهي تہ عملن جي جزا جو دارومدار آخرت تي آهي پر دنيا ۾ بہ چڱن عملن جون برڪتون ظاهر ٿي وينديون آهن، هن باري ۾ ڪجھ واقعا ۽ مدني گل بہ پيش ڪيا ويندا- ان سان گڏوگڏ شهزاده اعليٰ حضرت مولانا حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي يومِ عرس جي مناسبت سان سندن سيرت جون ڪجھ جهلڪيون بہ بيان ڪيون وينديون- ڪاش! سڄو بيان سٺين نيتن سان مڪمل توجھ سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي- اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صَدَقي ۽ خيرات سان مصيبتون ٽرنديون آهن

منقول آهي تہ الله پاڪ جي پياري نبي حضرتِ سيدُنا سليمان عَلَیْهِ السَّلَام جي

هڪ امتي جي گهر ۾ وڻ هو- هڪ ڪبوتريءَ ان وڻ تي آکيرو ٺاهي ورتو، ان ۾ آنا لاٿا ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ آنن مان ٻچا نڪتا ته ان شخص جي ٻارن جي ماءُ چيو: وڻ تي چڙهه ۽ پکيءَ جي ٻچن کي پڪڙ، انهن کي پچائي ٻارن کي کارايون ٿا- ان شَخص ائين ئي ڪيو- ڪبوتريءَ حضرتِ سيدُنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪئي ته اوهان جي امتي هن طرح ڪيو آهي- حضرت سيدنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ان کي گهرائي ائنده ائين ڪرڻ کان روڪيائون ۽ اهو به فرمايائون ته آئنده ائين ڪندؤ ته سزا ملندي- ان آئنده ائين نه ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ هليو ويو- ڪجهه عرصي کان پوءِ ڪبوتري ٻيهر آنا لاٿا پوءِ ان مان ٻچا نڪتا- ان شَخص جي زال ٻيهر ان کي ان تي اپارڻ لڳي- ان چيو: مون کي حضرتِ سيدُنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام منع فرمايو آهي- عورت چيو: توهان ڇا سمجهو ٿا ته حضرتِ سيدُنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام تنهنجي ۽ ان ڪبوتريءَ جي لاءِ فارغ وينا هوندا، سڄي دنيا تي سندن حڪومت آهي، اهي پنهنجي بادشاهي جي معاملن ۾ مصروف هوندا، جلدي ڪر ۽ ڪبوتري جي ٻچن کي پڪڙي اچ- زال جو جواب ٻڌي، هو وڻ تي چڙهيو ۽ ۽ ڪبوتريءَ جي ٻچن کي پڪڙي آندائين ۽ پچائي کائي ويو- ڪبوتري ٻيهر حضرت سيدُنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪئي- پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي گهڻو جلال آيو ۽ اوير ۽ اولهه جي ڪنارن مان ٻن جِنّن کي سڏي فرمايائون: توهان ٻئي فلاڻي وڻ وٽ ترسو- اهو شَخص آئنده جيڪڏهن انهيءَ ارادي سان وڻ تي چڙهي ته ان جو هڪ پير اوڀر ڏانهن ۽ ٻيو اولهه ڏانهن ڇڪجو، اهڙي طرح ان نافرمان جا ٻه ٽڪر ڪري ڇڏجو- حڪم ملندي ئي ٻئي جنّ ٻڌايل وڻ وٽ پهچي ويا- اهو شَخص ٽئين ڀيري وڻ تي چڙهڻ جي لاءِ تيار ٿيو ئي هو جو ڪنهن فقير ماني گهري، ان پنهنجي زال کي چيو: هن فقير کي ڪجهه ڏئي ڇڏيو- عورت چيو: مون وٽ ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه نه آهي- اهو شَخص پاڻ ڪمري ۾ ويو، ان کي ماني جو هڪ گرهه مليو، اهو ئي گرهه ان فقير کي ڏنو، پوءِ وڻ تي چڙهي بنا ڪنهن تڪليف جي آساني سان ڪبوتري جي ٻچن کي پڪڙي ورتو- ڪبوتري ٻيهر شڪايت ڪئي، ته حضرت سَيدُنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ٻنهي جنّن کي سڏائي ارشاد فرمايائون: ڇا توهان ٻنهي منهنجي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي آهي؟ انهن عرض ڪيو: يا نَبِي الله! اسان هرگز اوهان جي حڪم جي خلاف ورزي ناهي ڪئي، اسان ته اوهان جو حڪم ٿيندي ئي ان وڻ وٽ پهچي وياسين پر جڏهن اهو شخص وڻ تي چڙهڻ لڳو ته ڪنهن سوالي ماني گهري، هن ان کي ماني جو هڪ گرهه ڏنو

۽ پوءِ ٻيهر وڻ تي چڙهڻ لڳو، اسان ان کي پڪڙڻ جي لاءِ وڏياسين ته الله پاڪ ٻه ملائڪ اسان ڏانهن موڪليا- انهن اسان کي گردن مان جهلي ۽ اولهه ۽ اوپر ڏانهن اڇلائي ڇڏيو- اهڙي طرح هڪ گهر صدقو ڪرڻ جي برڪت سان اهو هلاڪت کان محفوظ رهيو- (عيون الحكايات،ص٣٩٥)

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ — بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان ٻه مدني گل حاصل ٿيا- هڪ مدني گل اهو حاصل ٿيو ته انسان کي معلوم هجي يا نه هجي پر نيڪ عمل جون برڪتون ضرور ٿينديون آهن- ها ڪڏهن اهي برڪتون ظاهر ٿي پونديون آهن ۽ ڪڏهن ظاهر ناهن ٿينديون- ان ڪري ڪو به نيڪ عمل چاهي ڪيترو ئي ننڍڙو ڇو نه هجي ان کي ترڪ نه ڪرڻ گهرجي- نيڪ عملن جو هن دنيا ۾ به فائدو ٿيندو آهي پر اسان کي هر ڀيري نظر ناهي ايندو. آخرت ۾ الله پاڪ جي رحمت سان ضرور ان جو فائدو ٿيندو ۽ اسان کي نظر به ايندو- هڪ ڪامل مسلمان جي نشاني به اها ئي آهي ته هو نيڪ عمل ماڻهن کي ڏيکارڻ، دنيا جو فائدو ماڻڻ يا پنهنجي واهه واهه ڪرائڻ جي لاءِ ناهي ڪندو بلڪ فقط الله پاڪ جي رضا ۽ خوشي ان جي پيش نظر هوندي آهي- انهيءَ اخلاص جو ڦل ان کي دنيا ۾ به ڪڏهن نظر اچي ويندو آهي- جيئن ته اسان هن حڪايت ۾ ٻڌو-

## صدقو ڪريو ۽ ڪيترو ڪريو

ٻيو مدني گل هن حڪايت مان اهو معلوم ٿيو ته صدقو ڏيڻ جون گهڻيون برڪتون آهن، صدقو ڏيڻ سان بلائون ٽرن ٿيون، صدقو ڏيڻ سان مصيبتون پري ٿين ٿيون، ۽ صدقو ڏيڻ سان پريشانيون ختم ٿين ٿيون، صدقو ڏيڻ سان بيمارين کان نجات ملندي آهي- تنهنڪري راهه خدا ۾ دل کولي خرچ ڪرڻ گهرجي- صدقو خيرات ڪرڻ جو اهو مطلب ناهي ته اسان جيستائين امير ۽ مالدار نه ٿي وڃون، خوب بينڪ بيلنس نه ٺاهي وٺون، سنو گهر ۽ گاڏي نه وٺون ان وقت تائين صدقو ئي نه ڪريون بلڪ اسان کي جيتري اِستِطاعَت آهي ان جي مطابق ننڍڙي شيءِ به خالص الله پاڪ جي لاءِ خرچ ڪنديون سين ته ان جو فائدو دنيا ۾ به ملندو ۽ آخرت ۾ به نَجات جو سبب ٿيندو جيئن ته فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِتَّقُواالنَّارَ وَلَوْ بِشِقِّ تَمْرَةٍ يعني باهه کان بچو، توڙي جو کجور جي هڪ ٽڪري (کي خيرات ڪرڻ)

جي ذريعي- (بخاری، کتاب الرقاق،باب من نوقش الحساب عذب، ۴/ ۲۵۷،حدیث: ۶۵۴۰)

هن حديثِ پاڪ ۾ اُنهن اسلامي ڀينرن جي لاءِ دلاسو آهي، جيڪي مَعاشي پريشانين ۾ مبُتلا هئڻ جي باوجود صَدَقو ۽ خَيرات ته ڪن ٿيون پر معمولي شيءِ صَدَقو ڪرڻ جي ڪري دل ننڍي ڪنديون آهن حالانڪ صَدَقو چاهي گهٽ هجي يا گهڻو، جيڪڏهن حلال مال مان اِخلاص سان ڏنو وڃي ته يقيناً ثواب جي لحاظ کان نهايت ئي سٺو آهي- اها ڳالھ پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو ته جيڪڏهن مان خرچ ڪندس ته منهنجي مال ۾ ڪمي ٿي ويندي، مان پنهنجون ضرورتون ڪيئن پوريون ڪندَس؟ منهنجي گهر ۾ ٻارن ٻچن جا خرچ ڪيئن هلندا؟ ياد رکو! اها شيطان جي چال آهي اهو نٿو چاهي ته اسان الله پاڪ جي راھ ۾ خرچ ڪريون ان ڪري هو اسان کي مال ۾ ڪمي جو خوف ڏياري صدقي کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي- اچو! هن شيطاني وار کي ناڪام بڻائڻ ۽ راھ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ هڪ نهايت ئي پياري حڪايت ٻڌو-

## خرچ ڪريو الله ڪريم عطا فرمائيندو

حضرت سَيدُنا قيس بن سَلع انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي ته سندن ڀائرن حضورِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ان جي باري ۾ شڪايت ڪئي ته هو فضول خرچي ڪري ٿو ۽ ان مُعاملي ۾ گهڻو هٿ جو ڪليل آهي، ته پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي فرمايائون: تنهنجي ڀائرن جو ڇا مسئلو آهي، هو هن گمان تي تنهنجي شڪايت ڪري رهيا آهن ته تون پنهنجي مال ۾ گهڻي فضول خرچي ڪرين ٿو ۽ تنهنجو هٿ گهڻو ڪليل آهي؟ مون عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان آمدني مان پنهنجو حصو وٺي الله جي راھ ۾ ۽ پنهنجن دوستن ۾ خرچ ڪيان ٿو ته رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي سيني تي هٿ مبارڪ رکي 3 ڀيرا فرمايائون: خرچ ڪر الله توکي عطا ڪندو- حضرت سَيدُنا قيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ان کان بعد جڏهن به مان راھ خدا ۾ نڪرندو هئس ته مون وٽ پنهنجي سواري هوندي هئي ۽ هاڻي مان مال ۽ آسائش ۾ پنهنجي اهلِ خانه (ڀائرن) کان وڌيڪ آهيان- (معجم الأوسط، ۲۱۰/۶،حدیث:۸۵۳۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ عمل تي آخرت جو بنياد آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جڏهن موت ايندو آهي تہ اهل و عيال، رشتہ دار ۽ دوست احباب سڀئي هتي رهجي ويندا آهن- صرف مردي کي تنگ ۽ انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو آهي- ها صرف عمل ئي اهڙي شيء آهي جيڪو قبر ۾ ڪم ايندو آهي- اهي مٺ مائٽ جن کي چين واري ننڊ سمهارڻ جي لاءِ پنهنجون ننڊون قربان ڪيون ويندي آهن، جن جو مستقبل بهتر بڻائڻ جي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال جي قرباني ڏني ويندي آهي، جن جي سهولتن جي لاءِ پنهنجو چين ۽ قرار وڃائڻو پوندو آهي- جيئن ئي زندگي جو سفر ختم ٿيڻ لڳندو آهي انهيءَ گهر وارن کي پنهنجي فڪر ستائڻ لڳندي آهي، مستقبل جي غيريقيني صورتحال انهن کي غمگين ڪندي آهي- عام طور صورتحال هي آهي تہ هر عزيز هن فڪر ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي تہ منهنجو ڇا ٿيندو- هن ڳالهہ جو فڪر شايد ڪنهن کي ناهي هوندو تہ مرڻ واري سان ڇا ٿيندو- بدقسمتي سان ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ميت اڃان گهر ۾ رکيل هوندي آهي ۽ ميت جا وارث ان جي جائيداد ۽ پيسن جي تقسيم جي لاءِ وڙهي رهيا هوندا آهن، اي ڪاش! مرڻ واري کان عبرت حاصل ڪندي اسان پنهنجي موت جي تياري ۾ لڳي وڃو. ان ڪري اڄ وقت آهي پنهنجي ايندڙ وقت جو فڪر ڪريو، ۽ ڪرڻ گهرجي. نيڪ عمل جي صورت ۾ برزخ ۽ آخرت ۾ ڪم ايندڙ نيڪيون گڏ ڪرڻ گهرجن- هن ڳالهہ کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ مرڻ کان پوءِ صِرف ۽ صِرف نيڪ عمل ڪم ايندا، بُلند وبالا گهر، عالي شان مَحل، اُچا اُچا مڪان، مال ۽ دولت جي ڪثرت، بينڪ بيلنس، وڏو ڪاروبار، وڏا وڏا پلاٽ، سرسبز فصل ۽ خوشنما باغ، انهن مان ڪجهہ بہ قبر ۾ گڏ نہ ويندو- بلڪ اهو سڀ جو سڀ هتي ئي رهجي ويندو-

## نصيحت ڀريا جملا

حضرت سيدنا محمد بن حسين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت سيدنا ابو معاويہ اسود رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي آڌي رات جو ڏٺو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مسلسل روئي رهيا هئا ۽ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زبان مبارڪ تي هي نصيحت ڀريا جملا جاري هئا: ❖ خبردار! جنهن شخص دنيا ئي کي پنهنجو عظيم مقصد بڻائي ورتو ۽ هر وقت انهيءَ کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳل رهيو تہ سڀاڻي بروزِ قيامت

ان ڪي وڏيڪ غم ۽ پريشاني ڪي منهن ڏيڻو پوندو- ❖ جيڪو شَخص آخِرت ۾ پيش ايندڙ معاملن ڪي ياد رکي ٿو ۽ بروزِ قيامت پيش ايندڙ سختين ۽ گهبراهٽن ڪي هر دم پيشِ نظر رکي ٿو ته انَ جي دل دنيا کان ڪڇي ويندي آهي- ❖ جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته توکي راحت ۽ سڪون ۽ عظيم نعمتون ملن ته رات جو گهڻ سمهندو ڪر ۽ شب بيداري کي پنهنجو معمول بڻائي وٺ- ❖ جڏهن توکي ڪو نصيحت ڪري، نيڪي جي دعوت ڏئي ۽ برائي کان منع ڪري ته ان جي دعوت قبول ڪر- ❖ تُون پنهنجي پوئنين جي رزق جي فڪر ۾ غمگين نه ٿيءُ ڇوته توکي انهن جي رزق جو مڪلف ناهي ٺاهيو ويو- * تون پنهنجو پاڻ کي ان عظيم ڏينهن جي لاءِ تيار رک جڏهن تنهنجي ملاقات الله پاڪ سان ٿيندي، تون ان جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندين پوءِ توسان سوال جواب ٿيندا، ان سخت ڏينهن جي تياري ۾ هر وقت پاڻ کي مشغول رک- ❖ نيڪ عملن جي ڪثرت ڪر ۽ پنهنجي آخرت جي خزانن کي نيڪ عملن جي دولت سان جلد کان جلد پرڻ جي ڪوشش ڪر- ❖ فضول مصروفيات کي ڇڏي ڏي ۽ موت کان پهريان موت جي تياري ڪري وٺ نه ته بعد ۾ گهڻو پڇتائو ٿيندو- ❖ جنهن وقت تنهنجو روح نڪري رهيو هوندو ۽ ڳلي تائين پهچي وڃي ته تنهنجون تمام محبوب شيون جن جي تون خواهش ڪندو هئين هاٿي سيئي دنيا ئي ۾ رهجي وينديون ۽ ان وقت تنهنجي حسرت اِنتها تائين پهچي چڪي هوندي تنهنڪري ان وقت کان پهريان آخرت جي تياري ڪري وٺ-
(عيون الحڪايات،ص١٥١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چڱن عملن جي جزا جنت آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! واقعي خوش نصيب آهي اها اسلامي ڀيڻ اِنسان جيڪا هن فاني دنيا ۾ نيڪ عملن جي صورت ۾ هميشه رهڻ واري آخرت جي تياري ڪري وٺي، جيڪڏهن الله پاڪ جي رحمت شامل حال رهي ته نيڪ عملن جي برڪت سان قبر به بهتر ٿيندي، آخرت ۾ به ٻيڙو پار ٿيندو ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پويان جنت ۾ داخل ٿي وينديون سين-

قُرآن ڪريم ۾ مختلف هنڌن تي بيان ٿيو آهي ته جيڪو چڱا عمل ڪندو ان

ڪي جنّت ملندي- جيئن الله پاڪ جو سيپاري 30 سورۃُ الْبَیِّنَہ جي آيت نمبر 7 ۽ 8 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِۙ اُولٰٓىٕكَ هُمْ خَیْرُ الْبَرِیَّةِؕ(۷) جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًاؕ (پ۳۰،البينه:۷،۸)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اهي سموري مخلوق بهتر آهن، انهن جو انعام سندن رب وٽ ٽڪڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، جن ۾ هميشہ هميشہ رهندا.

اهڙي طرح سيپاري 11، سوره يونس آيت نمبر 9 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ یَهْدِیْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِیْمَانِهِمْۚ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ فِیْ جَنّٰتِ النَّعِیْمِ(۹) (پ۱۱،یونس:۹)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا انهن جو رب انهن جي ايمان سبب ڪين هدايت ڏيندو انهن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون نعمت جي باغن ۾.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ڪريو! نيڪ عملن جون ان ڪان وڌيڪ ٻيون ڪهڙيون برڪتون ٿي سگهن ٿيون جو اسان ان جي ڪري جنت جهڙي عاليشان ۽ هميشہ رهڻ واري نعمت بہ ماڻي سگهون ٿيون-

تفسير صراط الجنان ۾ لکيل آهي: اهي ماڻهو جيڪي دنيا ۾ الله پاڪ جي عذاب ڪان ڊڄن ٿا اهي آخرت ۾ جَنّتي وڻن جي ڇانوَ ۽ جنت ۾ جاري چشمن ۾ هوندا ۽ جن ميون مان انهن جي دل چاهي ان مان لذت ماڻيندا ۽ جنتين کي چيو ويندو تہ پنهنجي انهن نيڪ عملن جي بدلي ۾ جيڪي توهان دنيا ۾ ڪيا هئا، مزي سان لذيذ ۽ خالص شيون کائو ۽ پيئو- ( صراط الجنان،۵۰۳/۱۰)

يقيناً عقلمند اهو ئي آهي جيڪو جنّت جي هميشہ رهڻ وارين نعمتن کي هن جهان جي فاني نعمتن تي ترجيح ڏئي ۽ انهن نعمتن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جيڪي هميشہ رهڻ واريون آهن- يقيناً دُنيا جي مَحَبَّت ۽ مال ۽

زَر جي خواهش ڪان بچي جنّت ماڻڻ جي لاءِ عمل ڪرڻ اِنتهائي دُشوار مَرحلو آهي- پر جيڪڏهن اسان آخرت ۾ ملندڙ آسانين، خوشين ۽ آسائشن تي نظر رکنديون سين تہ يقيناً اسان جي لاءِ عمل ڪرڻ آسان ٿيندو- هن کي ائين سمجهو تہ جيڪڏهن اسان جي سامهون 100روپيا ۽ هڪ لک روپيا رکيا وڃن ۽ انهن مان هڪ کي کڻڻ جو اِختيار ڏنو وڃي تہ يقيناً اسان هڪ لک روپين تي ئي نظر رکنديون سين- بلڪل اهڙي طرح دُنيا وَمَافِيها يعني (دُنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي) ان جو مثال 100 روپي جي نوٽ جهڙو آهي- جڏهن تہ آخرت ۾ ملڻ وارا فائدا ۽ جنَّت ۾ ملڻ واريون نعمتون تہ اهڙيون آهن جو جن جو ڪو مٽ ئي ناهي ڇوتہ دُنيا جي عارضي نعمتن جو جنَّت جي هميشہ رهڻ واري نعمتن سان ڪو مُقابلو ئي ناهي- اچو ترغيب جي لاءِ ”جنَّت جون ڪجھ بهارون“ ٻڌون ٿيون:

## جنت جون بهارون:

جيڪڏهن جنَّت جي ڪا شيءِ ننهن برابر دُنيا ۾ ظاهر ٿئي تہ تمام آسمان ۽ زمين ان سان سينگارجي وڃن- (ترمذي، كتاب صفة الجنة، باب ما جاء في صفة أهل الجنة،۲۴۱/۴، حديث: ۲۵۴۷) جنّت جون دِيوارون سون ۽ چاندي جي سرن ۽ مُشڪ جي گاري سان ٺهيل آهن- (مجمع الزوائد، كتاب أهل الجنة، باب في بناء الجنة وصفتها،۷۳۲/۱۰، حديث: ۱۸۶۴۲) جنت ۾ چار دريا آهن، هڪ پاڻي جو، ٻيو کير جو، ٽيون ماکيءَ جو، چوٿون شراب جو، وري انهن مان نهرون نڪري هر هڪ جي مڪان ڏانهن جاري آهن. نهرن جو هڪ ڪنارو موتي جو، ٻيو ياقوت جو آهي ۽ انهن نهرن جي زمين خالص مشڪ جي آهي. (الترغيب والترهيب، كتاب صفة الجنة والنار،فصل في انهار الجنة،۳۱۵/۴، الحديث۵۷۳۴/۳۵) جنت ۾ هر قسم جا لذيذ کان لذيذ کاڌا ملندا. جنهن جي خواهش ڪندا فورًا اهو سامهون موجود هوندو- (تفسير ابن كثير،۱۶۲/۷) جيڪڏهن ڪو پکي ڏسي اُن جو گوشت کائڻ جي خواهش ٿيندي تہ انهيءَ وقت پُڳل ان وٽ اچي ويندو. (الترغيب وا لترهيب، كتاب صفة الجنة والنار، ۲۹۲/۴، حديث: ۷۳) جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش هوندي تہ پيالو پاڻهي هٿن ۾ اچي ويندو ۽ ان ۾ صحيح اندازي جي مطابق پاڻي، کير، ماکي هوندي جيڪو پيئڻ واري جي خواهش کان نہ هڪ قطرو گهٽ هوندو نہ وڌيڪ، پيئڻ کان بعد (اهي پيالا) جٿان آيا هوندا خود بخود هليا ويندا- (الترغيب وا لترهيب، كتاب صفة الجنة والنار ، ۲۹۰/۴، حديث: ۶۶) هڪ خُوشبو دار فرحت بخش اوڳرائي ايندي، خوشبودار فرحت بخش پگهر نڪرندو، سڀ کاڌو هضم ٿي ويندو ۽ اوڳرائي ۽ پگهر مان مشڪ جي خوشبو نڪرندي. (مسلم، كتاب الجنة وصفة

نعيمها وأهلها، باب في صفة الجنة ... إلخ، ص١١٦٥، حديث: ٧١٥٢ ملخصاً) جيترو ڪائيندو ويندو ذائقي ۾ ڪمي نہ ٿيندي بلڪ واڌارو ٿيندو، هر گرهہ ۾ ستر مزا هوندا، هر مزو ٻئي کان مختلف هوندو، اهي سڀ مزا هڪ ئي وقت ۾ محسوس ٿيندا، هڪ جو احساس ٻئي سان رڪاوٽ نہ ٿيندو- (مسلم، كتاب الجنة وصفة نعيمها وأهلها، باب في دوام نعيم أهل... إلخ،ص١١٦٦حديث: ٧١٥٨) جَنّتي پاڻ ۾ ملڻ چاهيندا تہ هڪ جو تَخت ٻئي وٽ هليو ويندو- (الترغيب والترهيب، كتاب صفة الجنة والنار، ٣٠٤/٤، حديث: ١١٥) جڏهن جنتي جنت ۾ ويندا تہ الله پاڪ انهن کي فرمائيندو: "ڪجهہ ٻيو بہ چاهيو ٿا جيڪو اوهان کي ڏيان" عرض ڪندا: تو اسان جا چهرا روشن ڪيا، جنّت ۾ داخل ڪيو، جهنّم کان نجات ڏني، ان وقت پردو جيڪو مخلوق تي هيو، کڻي ويندو تہ ديدارِ الٰهي کان وڌيڪ انهن کي ڪائي شيء نہ ملي هوندي- (مسلم، كتاب الإيمان، باب إثبات رؤية المومنين في الآخرة...إلخ، ص٩٥، حديث:٤٤٩)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب !　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اي جنت جون طلبگار اسلامي ڀينرون! جنت ۾ ان جون اهي بهترين نعمتون اسان جو بہ مقدر بڻجي سگهن ٿيون جڏهن تہ اسان سٺن عملن ۾ خوب خوب نيڪيون ڪرڻ واريون بڻجي وڃون- ڪجهہ نيڪ عمل اهڙا هوندا آهن جيڪي بظاهر ننڍڙا محسوس ٿيندا آهن پر انهن جون اهڙيون اهڙيون برڪتون ظاهر ٿينديون آهن جو عقل حيران ٿي ويندو آهي- اچو! هن بابت هڪ روايت ٻڌون ٿيون:

## راهہ تان ڪنڊو هٽائڻ بخشرائي ڇڏيو

الله پاڪ جا ولي حضرت سَيِدُنا منصور رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جڏهن مرض الموت ۾ مبتلا ٿيا تہ روئڻ لڳا ۽ ايترا بيقرار ٿيا، جيئن ڪا ماءُ پنهنجي ٻار جي موت تي بيقرار ٿيندي آهي- ماڻهن پڇيو: حضرت! اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ جڏهن تہ اوهان تہ وڏي پاڪيزه ۽ پرهيز گاري واري زندگي گذاري آهي ۽ اَسّي سال (80) پنهنجي رب ڪريم جي عبادت ۽ بندگي ڪئي آهي- پاڻ فرمايائون: مان پنهنجي گناهن جي نحوست تي لڙڪ وهائي رهيو آهيان، جن جي ڪري مان پنهنجي رب ڪريم جي رحمت کان پري آهيان- اهو فرمائي پاڻ ٻيهر روئڻ لڳا- پوءِ ڪجهہ دير کان پوءِ پنهنجي پٽ سان مخاطب ٿي فرمايائون: منهنجا پٽ! منهنجو چهرو قبلي ڏانهن ڪيو ۽ جڏهن منهنجي پيشاني تان قطرا ظاهر ٿيڻ لڳن ۽ منهنجي اکين مان لڙڪ وهي پون تہ منهنجي مدد ڪجانءِ ۽ ڪلمو

شريف پڙهجان، شايد مون کي ڪجھ افاقو ٿئي ۽ منهنجي مرڻ کان پوءِ جڏهن مون کي دفن ڪريو ۽ منهنجي قبر تي مٽي وجهي چڪو تہ اتان کان موٽڻ ۾ جلدي نہ ڪجان، بلڪ منهنجي قبر جي سيراندي بيهي "لَا اِلٰه الا الله محمد رسول الله" پڙهجان، جو ان سان مون کي منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ آساني ٿي سگهي ٿي، ان کان پوءِ هٿ کڻي اها دعا ڪجان: اي مالڪ! هي تنهنجو ٻانهو آهي، هن جيڪي گناه ڪيا سو ڪيا، جيڪڏهن تون ان کي عذاب ڏئين تہ اهو ان جو ئي حق دار آهي ۽ جيڪڏهن تون ان کي معاف ڪري ڇڏين تہ اهو تنهنجي شايانِ شان آهي- پوءِ مون کي الوداع چوندي واپس موٽي وڃجان- ان جي انتقال کان پوءِ پٽ سندن وصيتن تي عمل ڪيو- پوءِ ان ٻي رات خواب ۾ پاڻ کي ڏسي پڇيائون: بابا سائين! ڪهڙو حال آهي؟ پاڻ جواب ڏنائون: منهنجا پٽ! معاملو تہ ايترو مشڪل ۽ سخت هو جو تون تصور بہ نٿو ڪري سگهين، جڏهن مان پنهنجي رب ڪريم جي بارگاه ۾ حساب جي لاءِ بينس تہ ان فرمايو: منهنجا ٻانها! ٻڌاءِ! منهنجي لاءِ ڇا کڻي آيو آهين؟ مون عرض ڪيو: ياالله! سڀ حج آندا آهن- جواب مليو: مون کي ان مان هڪ بہ قبول ناهي- اهو ٻڌي مون تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي- الله پاڪ ٻيهر پڇيو: ٻڌاءِ! ۽ ٻيو ڇا آندو اٿئي؟ مون عرض ڪيو: هڪ هزار درهم جو صدقو ۽ خيرات- ارشاد ٿيو: انهن مان هڪ درهم بہ مون کي قبول ناهي- مون چيو: يا الٰهي! پوءِ تہ مان هلاڪ ٿي ويس ۽ هاڻي منهنجي لاءِ تباهي ۽ بربادي آهي- تہ ربّ ڪريم فرمايو: ڇا توکي ياد آهي تہ هڪ ڀيرو تون پنهنجي گهر کان ٻاهر ڪِيڏانهن وڃي رهيو هُئين جو راه ۾ تو هڪ ڪنڊو ڏٺو ۽ ماڻهن کي اذيت سان محفوظ رکڻ جي نيت سان اهو ڪنڊو کڻي راه تان هٽايو هيئي، مون تنهنجو اهو ئي عمل قبول ڪيو ۽ ان جي ڪري تنهنجي بخشش ڪري ڇڏي-
(حکایات الصالحین،ص۵۱)

گناہگار طلبگارِ عفوو رحمت ہے عذاب سہنے کا کس میں ہے حوصلہ یاربّ!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ عمل ضايع ناهي ويندو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان اهو درس مليو تہ ڪڏهن بظاهر معمولي نظر ايندڙ نيڪي بہ نجات جو سبب بڻجي سگهي ٿي- ان ڪري

ڪنهن بہ نيڪ عمل کي معمولي سمجهي نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي- ڇوتہ الله پاڪ جي رضا جي خاطر جيڪو بہ نيڪ عمل ڪيو ويندو آهي اهو ڪڏهن ضايع ناهي ويندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سٺن عملن جون برڪتون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!معلوم ٿيو تہ اخلاص سان ڪيا ويندڙ نيڪ عملن جي برڪت سان انسان وڏين وڏين مصيبتن کان بچي ويندو آهي- ❖ چڱن عملن جي برڪت سان الله پاڪ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي، ❖ چڱن عملن جي برڪت سان جنّت جون لازوال نعمتون نصيب ٿينديون آهن- ❖ چڱن عملن جي برڪت سان عذابِ قبر وحَشر کان نجات ملندي آهي، ❖ چڱا عمل گناهن جي مغفرت جو ذريعو آهن، ❖ چڱا عمل رحمتِ الٰهي جي نزول جو سبب آهن ❖ چڱن عملن جي بدلي دنيا ۽ آخرت ۾ سنو بدلو ملندو آهي ❖ چڱا عمل قبر ۾ سنيون سنيون ۽ پياريون شڪلون اختيار ڪري ايندا ۽ راحت ۽ سڪون جو سبب بڻجندا، ❖ چڱن عملن جي سبب عمر ۾ اضافو ٿيندو آهي، ان ڪري چڱا عمل ڪرڻ ۾ دنيا ۽ آخرت ۾ سلامتي ۽ عافيت بہ آهي ۽ نجات بہ آهي-

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”ماهانہ تربيتي حلقو“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! چڱي عملن جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”ماهانہ تربيتي حلقو“ بہ آهي هر مهيني جي ٽين جمعرات جو حلقي، علائقي يا شهر سطح تي تربيتي حلقي جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. (دورانيو وڌ کان وڌ 2 ڪلاڪ آهي) جتي مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق غسل، وضو، نماز سنتون، دعائون وڏيڪ عورتن جا شرعي مسئلہ وغيره درس ۽ بيان جو طريقو ۽ دعوت اسلامي جي اصطلاحات ۽ درست تلفظ سيکاريا ويندا آهن وڏيڪ شجره عطاريہ جا اوراد ۽ وظيفہ بہ ياد ڪرايا ويندا آهن اوهان بہ هنن تربيتي حلقن ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪيو ۽ پنهنجي زندگي کي سنتن جي مطابق گزارڻ جي ڪوشش ڪيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني حلقن ۾ شرڪت ۽ شجره شريف پڙهڻ جون ڪيئي برڪيون آهن، ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ

## گهريلو جهڳڙا ختم ٿي ويا

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ گهريلو پريشانين ۾ گرفتار هئي، هر روز لڙائي جهڳڙڻ جو سلسلو رهندو هو، جنهن سبب گهر جو سڪون برباد ٿي چڪو هو هوءَ ان صورتِ حال کان گهڻي پريشان هئي، گهر ۾ سڪون پيدا ٿيڻ جي ڪا واٽ نظر نہ پئي آئي. انهيءَ دوران پير و مرشد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي توجہ سان ان کي امير اهلسنت جي عطا ڪيل رسالي”شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطّاريہ“ مان شجره عاليہ پڙهڻ جو خيال آيو. بس پوءِ ڇا ٿيو! ان شجره عاليہ کي گهريلو پريشانين کي دور ڪرڻ جي نيت سان پڙهڻ شروع ڪري ڏنو. شجره عاليہ پڙهڻ جي برڪت سان ان جا گهريلو جهڳڙا ختم ٿي ويا ۽ گهر امن جو گهوارو بڻجي ويو. (شجره قادريه رضويه عطاريه، ص 153 بتصرف)

مشکلیں حل کر شہِ مشکل کُشا کے واسطے کربلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

## دنيا دارُالعَمَل آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي دنيا عمل ڪرڻ جي جڳهہ آهي ۽ آخرت دَارُالجزَاء بدلو ملڻ جو مقام. اسان دنيا ۾ جيڪو چڱو يا بُرو ٻج پوکينديون سين ان جو فصل آخرت ۾ لڻنديون سين، سنو يا بُرو بدلو ملڻ کي سنڌي ۾ ”جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي“، ”جهڙو ڪندؤ تهڙو ڀريندؤ“، ”جهڙي پوکيندؤ تهڙي لڻندؤ“ جڏهن تہ عربي زبان ۾ ”كَمَا تَدِينُ تُدَانُ“ چيو ويندو آهي-

## جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي

اها ئي ڳالهہ اسان جي شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هنن لفظن ۾ بيان فرمائي آهي: ”اَلْبِرُّ لَا يَبْلَى وَالْاِثْمُ لَا يُنْسَى وَالدَّيَّانُ لَا يَمُوْتُ فَكُنْ كَمَا شِئْتَ كَمَا تَدِينُ تُدَانُ“ يعني نيڪي پُراڻي ناهي ٿيندي ۽ گناهہ وساريو ناهي ويندو، جزا ڏيڻ وارو (يعني اللّٰہ پاڪ) ڪڏهن فنا نہ ٿيندو، تنهنڪري جيڪو چاهيو بڻجي وڃو، توهان جهڙو ڪندؤ

تهڙو پرينديُ-“ (مصنف عبدالرزاق،كتاب الجامع،باب الاغتياب والشتم،١٠ / ١٨٩،حديث: ٢٠٤٣٠)

حضرت علّامہ عبدُالرؤوف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جهڙو توهان ڪنديُ تهڙو توهان کي ان جو بدلو ملندو، جيڪو توهان ڪنهن سان ڪنديُ اهو ئي توهان سان ٿيندو- (التيسير بشرح الجامع الصغير،٢٢٢/٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻين سان چڱو ورتاءُ ڪريو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اسان کي گهرجي تہ ❖ ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيون، ❖ ڪنهن جي شيءِ نہ چوري ڪيون ، ❖ ڪنهن جي شيءِ تي بغير شرعي اجازت قبضو نہ ڪريون، ❖ ڪنهن کي ڌوڪو نہ ڏيون ❖ ڪنهن تي ڪوڙا اِلزام نہ لڳايون، ❖ ڪنهن جو قرض نہ ڦٻايون ❖ ڪنهن جي گهريلو زندگي زهر نہ ڪيون ❖ ڪنهن جي باري ۾ بدگمانيون نہ ڦهلايون ❖ ڪنهن جي دل نہ ڏکايون ❖ ڪنهن جون پرپٺ برائيون نہ ڪيون ❖ ڪنهن جو مذاق اڏائي ان جي عزت جو جنازو نہ ڪڍون ❖ سازشون ڪري ڪنهن جي ترقي ۾ رڪاوٽ نہ بڻجون ❖ ۽ ڪنهن جون برائيون ڦهلائي ان کي بدنام نہ ڪريون چوتہ اڄ اسان جنهن سان جيئن ڪنديون سين تہ سڀاڻي اهو ئي اسان سان بہ ٿي سگهي ٿو- ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسان هر هڪ جي عزت جو تحفظ ڪنديون سين، هر امانت جو تحفظ ڪنديون سين ۽ وقت تي واپس موٽائينديون سين، هر هڪ اسلامي ڀيڻ سان سچ ڳالهائينديون سين، هر هڪ اسلامي ڀيڻ جو احترام (Respect) ڪنديون سين، هر هڪ جي باري ۾ حُسنِ ظن رکنديون سين، هر هڪ جي خيرخواهي ڪنديون سين تہ ڪجھ بعيد ناهي تہ اسان سان بہ هر هڪ اهو ئي ورتاءُ ڪرڻ لڳي- ياد رکو! جهڙي طرح برو عمل انسان تي برائي جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي اهڙي طرح چڱو عمل چڱائي جون ڪيئي صورتون ٺاهي ڇڏيندو آهي ۽ آخرِ ڪار چڱي عمل جي جزا ضرور ملندي آهي-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزانو چڱا عمل ڪرڻ جو نسخو!

اي فاني دنيا ۾ رهڻ وارا اسلامي ڀائرو! زندگي جو ڪو ڀروسو ناهي،

هنن پساهن کي غنيمت سمجهندي نيڪين جي ذريعي پنهنجي آخرت بهتر بڻائڻ گهرجي، پساهن جي اها مالا خبر ناهي تہ ڪڏهن اوچتو ٽٽي وڪري وڃي ۽ خدانخواستہ اسان کي گُناهن کان توبہ جو وَقت بہ نہ ملي سگهي ۽ اسان جي آخرت برباد ٿي وڃي- تنهنڪري اسان کي بہ پنهنجي آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ روزانو ڪجھ نہ ڪجھ سنا عمل ڪرڻ جو هدف بڻائڻ گهرجي تہ جيئن نيڪ عملن جي عادت بڻجي سگهي- ان جو آسان طريقو هي آهي تہ سنين سنين نيتن سان مدني انعامات تي عمل ۽ روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پريو - اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني انعامات روزانو نيڪيون ڪمائڻ جو اهو عظيم مدني نسخو آهي جو جنهن جي ذريعي صبحِ صادق کان وٺي رات سمهڻ تائين چڱا عمل ڪرڻ جا گهڻا موقعا ملن ٿا-

شيطان ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندو تہ اسان مدني انعامات تي عمل ڪري سڄي ڏينهن ۾ ايتريون وڏيڪ نيڪيون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، هو هن نيڪ ڪم کان روڪڻ جي لاءِ وڏا حيلا ڪندو، طرح طرح جي وسوسن جيئن ”مان تہ گهڻو مصروف آهيان“ ”ايترو وقت ڪٿي“ ”سياڻي کان ڪندَس“ ۾ مبتلا ڪري ورغلائڻ جي ڪوشش ڪندو- جيڪڏهن اوهان انهن وسوسن تي ڌيان ڏيڻ جي بغير مدني انعامات تي غور ڪريو تہ شايد حيران رهجي وينديون تہ جن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ مُشڪل لڳي ٿو، انهن تي عمل ڪرڻ تہ تمام ئي آسان آهي،

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄوڪي دور ۾ اسان جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪيتري قدر ضروري آهي، ان جو اندازو اوهان کي انهيءَ وقت ٿي سگهندو جڏهن اوهان مدني انعامات جي رسالي جو غور سان مُطالعو ڪنديون- انهن مدني انعامات ۾ فرض، واجبات ۽ سُنتون ۽ مُستحبن تي عمل جي ترغيب سان گڏوگڏ ڪٿي اخلاق حاصل ڪرڻ جا مدني گل بہ خوشبو ڦهلائي رهيا آهن تہ ڪٿي گُناهن کان بچڻ ۽ آساني سان نيڪيون ڪرڻ جا طريقا پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيا آهن- تنهنڪري جيڪڏهن اسان بہ گناهن جي بيمارين کان ڇوٽڪارو ماڻي نيڪين ڀري زندگي گزارڻ چاهيو ٿيون تہ اڄ ئي کان مدني انعامات تي عمل شروع ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون وڏيون برڪتون پنهنجي اکين سان ڏسنديون سين- اڇو! اسان سيئي گڏجي نيت ڪريون ٿيون تہ اسان بہ فيضانِ مدني انعامات مان حصّو

ماڻڻ جي لاءِ هر مهيني مدني انعامات جو رِسالو حاصل ڪنديون سين، اِنْ شَآءَاللّٰه - هڪ وقت مقرر ڪري روزانو فڪرِ مدينه جي سعادت حاصل ڪنديون سين، اِنْ شَآءَاللّٰه هر مهيني پابندي سان پنهنجي ذميدار ڪي مدني انعامات جو رِسالو جمع به ڪرائينديون سين- اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شهزاده اعليٰ حضرت جي سيرت جون ڪجھ جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جُماديٰ الاُوليٰ جو مبارڪ مهينو پنهنجي برڪتون لٽائي رهيو آهي، هن مهيني جي 17 تاريخ تي آفتابِ شريعت و طريقت، شهزادهٔ اعليٰ حضرت، حُجَّةُ الاسلام حضرت علامہ مولانا حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جو يوم عرس آهي، اچو انهيءَ مناسبت سان انهن جو ذڪر خير به ٻڌون ٿيون-

حجة االاسلام حضرت علامہ مولانا محمد حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه ربيع الاول 1292ھ مطابق 1875ع ۾ پنهنجي ڏاڏا جان مولانا مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي گهر بريلي يو پي (هندوستان) ۾ پيدا ٿيا- سندن والد امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه سندن جو نالو "محمد" رکيائون ۽ سڏڻ جي لاءِ "حامد رضا" تجويز ڪيائون- عوام حجة االاسلام حضرت علامہ مولانا محمد حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي "بَڙي مولانا" چئي سڏيندا هئا جڏهن ته عالم سڳورا "حجة الاسلام" جو لقب ڏئي سندن علم ۽ فضل جو اقرار ڪيائون- (تذکره جميل ص ۱۰۶ملخصاً) حجة االاسلام حضرت علامہ مولانا محمد حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه سمورا ڪتاب پنهنجي والدِ گرامي، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه وٽان پڙهيا ۽ اوڻيھ (19) سالن جي عمر ۾ عالمِ دين بڻجي ويا- (تذکره جميل ص ۱۰۹،۱۱۰ملخصاً) حجة االاسلام حضرت علامہ مولانا محمد حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنجاھ سالن تائين فتوائون لکيائون- (تذکره جميل ص ۱۱۲ملخصاً) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه خانقاه قادريہ رضويہ جا سجاده نشين ۽ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جا سچا جانشين هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي پنهنجي والدِ گرامي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه سان گڏ 1905ع ۾ سفر حج جي سعادت ملي- حرمين طيبين ۾ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جا عِلمي ۽ عَملي ڪارناما ظاهر ٿيا، عَالَمِ اسلام ۾

اوهان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪي سجاتو ويندو هو- (تذکره جميل ص ۱۸۶ملخصاً) پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ نهايت حسين و جميل شخصيت جا مالڪ هئا، ڳاڙهو ۽ سفيد چهرو مٿان وري سفيد ڏاڙهي جڳمڳ ڪندي نظر ايندي هئي، سندن جو مبارڪ چهرو نورِ مصطفيٰ جي جلوئن سان اهڙو روشن هو جو خواجه غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عرس جي موقعي تي ڪيئي غير مسلم پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو نوراني چهرو ڏسي ئي اسلام قبول ڪري ورتو ۽ هي به چيائون ته اهو روشن چهرو ٻڌائي پيو ته اوهان حق ۽ صداقت ۽ روحانيت جي تصوير آهيو- (تذکره جميل ص۱۹۸،۱۹۷ملخصاً) پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ عبادت گذار، شب بيدار ۽ تهجد گذار بزرگ هئا، پنهنجي والد ماجد امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي موجودگي ۾ دارالعلوم منظرَ الاسلام جو سمورو انتظام سندن حوالي هو، دارلعلوم منظر الاسلام جا پاڻ نه صرف مهتمم هئا، بلڪ شيخ الحديث ۽ صدر المدرسين جي منصب تي پڻ فائز رهيا- (تذکره جميل ص ۱۷۳ملخصاً) هڪ ڀيري سندن ڪي ڦرڙيءَ جي تڪليف ٿي، جنهن جو آپريشن ڪرڻ ضروري هيو- ڊاڪٽر بيهوشي جو اِنجڪشن لڳائڻ چاهيو ته مَنع فرمايائون، پاڻ دُرودوسلام جي وِرد ۾ مشغول ٿي ويا، هوش و حواس جي حالت ۾ به ٽي ڪلاڪ تائين آپريشن ٿيندو رهيو، دُرود شريف جي بَرَڪت سان ڪنهن قسم جي تڪليف جو پاڻ اظهار نه ٿيڻ ڏنائون- (تذکرهٔ مشائخِ قادِريه رضويه، ص ۴۸۵) الله پاڪ سندن فيوض و برڪات سان اسان سڀني کي مستفيض فرمائي- اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريه

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي اعلي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي سيرت تي عمل ڪندي امت جي خير خَواهي جي لاءِ ڪم و بيش 104 شعبن ۾ خدمت سرانجام ڏئي رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ "مجلس مڪتوبات وتعويذاتِ عطّاريه" به آهي هن مجلس جي تحت اسلامي ڀينرون ئي اسلامي ڀينرن جي غم خواري جي لاءِ تعويذات ۽ اوراد ۽ وظيفن جي ذريعي بيمارين ۽ پريشانين جو في سبيل الله روحاني علاج ڪنديون آهن. الله پاڪ "مجلس مڪتوبات ۽ تعويذات عطاريه" کي وڌيڪ ترقي ۽ عروج عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لباس پائڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! شيخِ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 163" مدني گل" مان لباس پائڻ جي باري ۾ مَدَني گل ٻڌون ٿيون- ٿي فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: ۞ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي ته بِسْمِ اللّٰهِ چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 59 حديث 2504) مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّ وَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو جو جنّ ان (شرمگاهه) کي ڏسي نه سگهندا. (مراۃالمناجيح ج1ص268) ۞ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ هي پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. (ابوداؤد ج 4 ص 59 حديث 4023) ۞ جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ۞ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36) ۞ لباس حلال ڪمائي مان

هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي. (ايضاً 41) ۞ ۞ پائڻ مهل ساڄي پاسي ڪان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (ايضاً 43) ۞ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي ڪان شروع ڪيو ۞ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي . ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ به هن ڳالهه جو لحاظ رکو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار اِجتماع جي بيان جو موضوع هوندو ”شيطان جي انسان سان دشمني“ يقيناً هر شخص پنهنجي دشمن جي شر ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ دشمن جيترو وڌيڪ مظبوط هجي، ان ڪان محفوظ رهڻ جي ايتري ئي وڌيڪ احتياط ڪئي ويندي آهي، انسان جو سڀ ڪان وڌيڪ ۽ خطرناڪ دشمن شيطان آهي. اولياءِ ڪرام ڪان وٺي عام انسانن تائين هرهڪ سان دشمني رکندو ۽ انهن کي ڀٽڪائڻ جي لاءِ طرح طرح جي حيلن ۽ بهانن سان ڪم وٺندو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ڪيترن ئي مقامن تي شيطان جي دشمني جي سڃاڻپ ڪرائي آهي، آئنده هفتي شيطان جي انسان سان دشمني جي متعلق آيتون، مبارڪ حديثون، بزرگان دين جا واقعا ۽ شيطان جي وار کي ناڪام بڻائڻ جا طريقا به ٻڌنديون سين. تنهنڪري آئنده اربع به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ڀين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي چئو: اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد